Effectiveness of counseling for dietary uptake of Moringa Oleifera in a rural community

ڳوٺاڻي آبادي ۾ سهانجڙي جي کاڌي طوري استعمال بابت اثرائتي مشاورت

راضي نامو

Project Title: Effectiveness of counseling for dietary uptake of Moringa Oleifera in a rural community	Project ID:
Sponsor:	ERC Ref # 2022-7852-22544
Principal Investigator: Dr. Asad Ali	Organization: Department of Paediatrics & Child Health, Aga Khan University, Karachi, Pakistan
Project Location: Matiari	Phone: 021 -34864955

Name of participant: _____ Study ID: | | | - | | | | - | | | | |

پس منظر

محترم / محترمہ

اَلسلام عليڪم

آئون _____ آهيان. منهنجو تعلق آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي جي ٻارن جي شعبي سان آهي. آغا خان يونيورسٽي، ڳوٺاڻي آبادي ۾سهانجڙي جي استعمال ۽ ان جي باري ۾ ڏنل صلاح مشورن تي تحقيق ڪري رهي آهي. آغا خان يونيورسٽي 2020 ۾ ڳوٺاڻن ۽ ماحوليات تي سهانجڙي جي اثر جو جائزو وٺڻ جي لاءِ پاڪستان جي صوبي سنڌ جي هڪ ڳوٺاڻي ضلعي مٽياري ۾ هڪ مطالعو شروع ڪيو، هن پروجيڪٽ ۾ مٽياري ضلعي جون چار يونين ڪاؤنسلن ۾ سهانجڙي جا اٽڪل پنجيتاليهه هزار (45000) ٻوٽا پوکرايا آهن . ٻوٽا پوکڻ کان علاوه پروجيڪٽ جي علائقي ۾ سهانجڙي جي وڻ جو استعمال ۽ ان جي فائدن جي باري ۾ چار سؤ (400) کان وڌيڪ صلاح مشوري واريون گڏجاڻيون ٻه ٿي چڪيون آهن. تنهنڪري هاڻي اسين هن مطالعي جو ٻيون مرحلو شروع ڪري رهيا آهيون تہ جيئن ڳوٺاڻن پاران سهانجڙي جي وڻ جي سيني حصن جي استعمال جا مختلف رُخ ڏسي سگهجن ۽ مٽياري ۾ سهانجڙي جي وڻ جا ماحوليات تي پوندڙ فوري فائدن جي باري ۾ ڳوٺاڻن جي ڄاڻ جو جائزو وٺي سگهجي.

مطالعي جو مقصد

هڪ اهم ٻوٽو هجڻ جي ڪري سهانجڙي جي استعمال جي باري ۾ سماجي ۽ ثقافتي سمجهه، معنائون، عقيدن، صحت جي لاءِ فائدن ، معيار ۾ اضافي ۽ رڪاوٽن جي باري ۾ هڪ تفصيلي تحقيق ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.
سهانجڙي جي وڻ جي استعمال ۽ مختلف ترجيحي ترڪيبن جي باري ۾عام سمجهه، حڪمت عملي ناهيندڙن ۽ صحت جي منتظمن جي لاءِ بهتر غذائيت جي نتيجن ۽ صحت مند ماحول جي لاءِ مقامي حل ڳولهڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي.

Matiari Research & Training Centre